# عين هاڻي

تنوير جوڻيجو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عيبن هاڏي

## ڪهاڻين جو مجموعو

تنوير جوڻيجو

سنڌي ساهت سال ١٩٨١ع

ادارهٔ شهباز پبليڪيشنس حيدرآباد سنڌ پوسٽ باڪس ١٣٠

١٩٨١ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليکڪ جا حق واسطا قائم

ڇاپو پهريون: جولاءِ ١٩٨١ع مطابق جمادالثاني ١٤٠١ع

قيمت [redacted]

سول ايجنٽس
ميشرس ايجنٽس تلڪ چاڙهي حيدرآباد سنڌ

ڪتاب: عيبن هاڻي - ڪهاڻين جو مجموعو تنوير جوڻيجو
پبلشر نور محمد عباسي اداره شهباز پبليڪيشنس
حيدرآباد سنڌ پوسٽ باڪس نمبر ١٣٠

پرنٽنگ سهڻي پرنٽرس ويسٽ ڪچا حيدرآباد سنڌ.
جولاءِ ١٩٨١ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سٿاءُ


| | |
|---|---|
| ناشر نور محمد عباسي | ۴ |
| مهاڳ | ۶ |
| ڪهاڻي ڪيئن لکجي تنوير جوڻيجو | ۹ |
| عيبن هاڻي | ۱۸ |
| الا ڏاهي م ٿيان | ۲۴ |
| ويڳاڻا ويڻ | ۳۵ |
| پڇتاءُ | ۴۲ |
| وساريان نہ وسري | ۴۸ |
| وهم نہ آهي سچ آهي. ننڍڙيون ڪهاڻيون | ۵۲ |
| ڏيڍ رپيو ۽ ٽي پيسا | ۶۴ |
| ماسي عالمان | ۷۰ |
| پيو ور ڪنڌيس ڪين ڪي | ۷۷ |
| ائين ڇو ٿيندو آ | ۸۶ |
| پرچن شال پنوهار | ۹۶ |
| جيوت جي راند | ۱۰۲ |
| ڏاڍو سو ڳاڀو | ۱۰۸ |
| ارنيسٽو جي ماءُ | ۱۱۱ |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عيبن هاڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو، سنڌس هي مجموعو ڇپائي اسان بيحد خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون. مونکي اميد آهي ته اسان جا پڙهندڙ حضرات اسان جي هن محنت جو قدر ڪندا ۽ ڪتاب هٿو هٿ وٺندا ته جيئن اسان پنهنجي هن اشاعتي سلسلي کي اڳتي وڌائي سگهون.

آخر ۾ اسين پڙهندڙن کي يقين ٿا ڏياريون ته هن ڪانپوءِ به اسين ادب جي مختلف صنفن تي ٻڌل معياري ادب ڏيندا سين.

نور محمد عباسي

## پنڪچوئيشن:-

معنيٰ نشانيون جهڙوڪ، ڪاما، فل اسٽاپ، سواليه نشان، انورٽيڊ ڪاماز، ڊيش، ڊاٽس وغيره اهي نشانيون ڪهاڻيءَ لاءِ موتي اثرات مثل ٿين ٿيون ۽ انهن جي ڪري ئي ڪهاڻين ۾ صحيح تاثر پيدا ٿي سگهي ٿو.

## آخري مرحلو:-

آخري مرحلو ٿئي ٿو ڪهاڻي فيئر ڪرڻ جو. ٽي چار ڀيرا ڪهاڻي پڙهجي ۽ ڏسجي ته ڪٿ ڪهاڻي ۾ جهول ته نه آهي ته تسلسل جي ڪمي يا لفظن جو وڌاءُ ته ڪونهي. پوءِ اچو فل اسڪيپ پنو کڻي ان تي ڪهاڻي لکجي. ڀر صاف سٺن اکرن سان ۽ پني جي رڳو هڪڙي پاسي- ٻيو پاسو خالي ڇڏيو. هميشه ڪوشش ڪري ٻه ڪاپيون ٺاهجن هڪ ايڊيٽر ڏي موڪلجي ٻي پاڻ وٽ رکجي.

— تنوير جوڻيجو

---



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عيبن هاڻي

سياري جي مند ۾ حيدرآباد شهر جي وچولي گهر جو ڏيک .... ڪمري ۾ ڪُل پيو ٻري، جنهن جي ڪابي پاسي ٻه ڏوڪريون ٻن منجين تي ويٺيون آهن ۽ ساڄي پاسي تونئري تي ٻه ڏيڪريون وٺل آهن.

شريف خاتون پنجاهه، پنجونجاهه ورهين جي رعب دار ڏوڪري آهي ۽ سندس ڀيڻ رحمت خاتون، چاليهن ورهين جي سنهڙي سڪل ۽ تيز مزاج واري عورت آهي.

زاهده سانوري رنگ واري بي ڏولي نينگري آهي جڏهن ته ذکيه پوري پنهنجي قدبت جي سمجهو نينگر آهي. ماحول ڪجهه گنڀير آهي جنهن مان پاسجي پيو ڪا خاص ڳالهه آهي يا ڪو خاص مسئلو.

”مان پاڻ چوان ته ڀهرين ڀيري ئي هاڻو ڪئي اٿن، سو ڪا ڳالهه مڙئي ضرور آ“ شريف خاتون نڪ کي موڙو ڏيندي چيو.

”ادي شريف خاتون، تون ڀيڻ وڏي آهين .... سچ چوانءِ، شڪ ته مون کي پرينديئي پيو هو، پر ڳالهه ڪونه ڪيم ته متان تون دل ۾ ڪرين.“ رحمت هٿ کي نچائيندي چيو.

”اڙي هاڻي وري ڏس .... تون چئين ۽ آءٌ دل ۾ ڪيان.“ شريف خاتون ڀيڻ کي ڏوراپو ڏنو.

”وري به ادي .... پر هاڻي به ته ڪا مهل ڪانه وئي آ.“ رحمت ڳالهه تاريندي صلاح ڏني.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ننڍين پيرن جي ڳڻتي هئي. سلمه سهڻي ۽ سليقه مند ته هئي ئي،
تنهن جي هڪ هندان مٿي اچي وئي.

ڀمهر سنڌس آڱر ۾ منڊي وڌي وئي.

هاڻي ته سنڌس ڏاج پڻ تيار هو. پر اڄ؟ وري سنڌس
ڀيو مڱڻو به ٽٽي پيو.

منڊي ۽ موڙو سنڌس اڳيان واپس پيو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# الا ڏاهي ۾ ٿيان

اچا ٽرين جي اچڻ ۾ پندرنهن منٽ آهن .... واچ ڏسندي در کان ٻاهر جهاتي پاتي ٿي. اوسيئڙي جون گهڙيون واقعي اينگهجهو پون .... حق ٿي ويچارا شاعر انتظار مان بيزار ٿيو پون.

هٿ ۾ جهليل رسالي جا ورق اٿلايان ٿي، پر مزو ڪونه ٿو اچيم. وس پڄي ته ڪر پليٽ فارم تي چڪر ڏيان، پر هاڻ ڙي مجبوري زال ذات هئڻ جي. اتي ويٽنگ روم جي در وٽ ٿي اچان. هر ڪو ماڻهو پنهنجي ليکي، ڪو ڪيئن ته ڪو ڪيئن.

اجهو گهنڊي وڳي .... شايد گاڏي اچي پئي. ڊيزل انجڻ جو ڳرو آواز ماڻهن جي آواز کي ڇپائيندڙ اڳتي پيو وڌي.

آئون پليٽ فارم تي نڪري ليڊيز ڪمپارٽمينٽس جاچيان ٿي. هڪڙي سيڪنڊ ڪلاس گاڏيءَ مان هوءَ هيٺ لٿي.

”زيني.“ اتي ئي مٺي ڏٺي ساڻس ڳراٽڙي پائي ملي ٿي.

”جاني تو ڇو تڪليف ڪئي اسٽيشن تي اچڻ جي؟ آئون پاڻ ئي تو وٽ پهچان ها.“ ڏاڍي پاٻوهه مان چوي ٿي. ’جاني‘ سندس PetWord ـ جو فقط اسان لاءِ ئي استعمال ڪندي آ. ”تون اچين ۽ آئون توکي وٺڻ نه اچان. هر ڪو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Possible هو؟" پليٽ فارم کان ٻاهر نڪرندي منهنجو ڪهس
چوڻ .... ڏسان پئي ڏاڍي ڪمزور ٿي وئي آ. مک تي اداسين
جا پاڇولا، رنگ هيڊائون، هڏا نڪتل.
"زيني، طبيعت ته ٺيڪ اٿئي؟ ڏاڍي ڪمزور ٿي وئي
آهين." گهر ۾ داخل ٿيندي منهنجو سوال. "جاني جيئڻ لاءِ
ڪڏهن ڪڏهن بيمار به ٿيڻو پوندو آ." مرڪندي سندس جواب.
"ڇا مطلب؟"
"مطلب پوءِ سمجهايانءِ ٿي. پهرين ماني کاءِ. ڏاڍي
بک لڳي آهي."
"پهرين فريش ته ٿي وٺ." باٿ روم ڏانهن اشارو
ڪندي چوانس ٿي.
"اڄ هو پڻ منٺن ۾ آيس." چپٽي وڄائيندي سندس
اندر گهڙڻ.
پن منٺن ڪانپوءِ، هوءَ ٽيبل وٽ آهي.
"ادا ٺيڪ آ؟" ماني ٽيبل تي رکندي منهنجو سوال.
"ها، سلام چولدو هئس."
"پيار؟"
"امي به ٺيڪ آهن."
"پر تو پنهنجا هي حال ڇو ڪيا آهن؟"
مرڪي ٿي ڏئي.
"ماني ڪائي آرام ڪر ته ٻڌايانءِ؟"
"پلي پلي."
ماني ڪائي اٿون ٿا.
"هيءَ اٿئي تنهنجو ڪمرو." ڪمري ڏانهن اشارو ڪري
منهنجو ڪيس ٻڌائي. ۽ پاڻ ٿانو ٽيبل تان کڻي ڪچن ۾ واش
بيسن تي رکڻ ۽ روم ڪٺي ٿانو صاف ڪرڻ ۽ ڪم دوران
ماضيءَ جي ترلاءِ ۾ يادن جون سنهڙيون پٽريون اڇلائڻ.

* * *


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ويڳاڻا ويڻ

ڏيک: هڪ ڪلاس جو.

شاگرد پينون هٿن ۾ جهليو لکڻ ۾ مصروف، آڏو استاد ليڪچر ڏيندي.

”دراصل فرائڊ، انساني ذهن کي ٽن حصن ۾ ورهائي ٿو. اِڊ (Ed) نفس، ايگو (Ego) انا ۽ سپر ايگو (Super ego) معنيٰ ضمير.

”اِڊ يعني نفس، انساني قوتن ۽ ضرورتن تي ٻڌل اهو لاشعوري فطري حصو، جنهن جي آڏو رڳو لذت جو حصول آهي.

جڏهن ته Ego يا انا، فرد جو اهو احساس آهي جيڪو ان ۾ خودي ۽ انفراديت پيدا ڪندو آهي. ٻين لفظن ۾ انا، نفس کي انهن خواهشن کان جهليندي آهي جيڪي سماجي نڪتہ نگاهہ کان غلط هجن ۽ انهن ڳالهين جي اجازت ڏيندي آهي جن کي معاشرو قبول ڪندو آهي.

نفس ۽ انا کان پوءِ وارو اچي ٿو ”سپر ايگو“ جو، جنهن کي اسان ضمير به چئون ٿا. ضمير پنهنجو ڪم ان وقت شروع ڪندو آهي، جڏهن نفس ۽ انا جي جنگ ۾ ”انا“ شڪست کائي ويندي آهي. ضمير انسان کي سندس خراب ڪمن تان ننديندو آهي ۽ احساس بيدار ڪندو آهي.“

وقت ختم ٿيڻ....



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”گهٻرائين ڇو ٿو؟ فارم وٺي ڏينداسين.“ ٻئي جو آواز هو....

۽ سندس کيسي ۾ هٿ وجهڻ کان اڳ ئي پهرين ڇوڪري جهٽ هٿي سندس کيسي مان ڏوڪڙ ڪڍيا هئا.

”اوهو رقم ته جهجهي آ.“ ٻيهر سندس مغز کان وٺي پيرن تائين، نظرن ذريعي جاچ ورتي وئي.

”ٺهيو ويچارو پرديسي آ، پنجاهه رکو پاڻ وٽ ٻيا واپس ڪيوس.“ هڪڙي نينگر، آخري فيصلو ڏنو.

”هان پٽ ڇا ياد ڪندين.“ ٻئي باقي پئسا واپس ڪندي ڄڻ احسان ڪيو هئس.

”۽ ها هو سامهون جيڪو در آ، اوڏانهن هلو وڃ اتان فارم ملندئي.“

جت پڇڻ ناهي ڪم ات پڇڻ ڪم ورهامن جو، انور پنهنجو خير سمجهي ان در ۾ گهڙيو هو. سموري ڏپ، نڪ ۾ گهڙي ويس.

”اوهه هي ته ڪاڪوس آ.“ شرمندو ٿي ٻاهر نڪتو هو، ۽ وري ٺهڪن جا پڙلاءَ ڪن تي پيا هئس.

”خير ائين ٿيندو ئي رهندو آ“ پاڻ کي دلاسو ڏنو هئائين. ڪاليج جي داخلا سان گڏوگڏ هاسٽل جي داخلا جو به فارم پريو هئائين. ۽ ڪجهه مهينن جي في اڳواٽ ئي پياري ڇڏي هئائين.

”هاسٽل ۾ سيٽل ٿيڻ کانپوءِ ئي نوڪريءَ جي تلاش شروع ڪندس“ خيال ڪيو هئائين.

روم نمبر ڏهين ۾ سيٽ الاٽ ٿي هئس.

”ادا هن روم ۾ مون کي به سيٽ الاٽ ٿي آهي. روم ۾ گهمندي هن، هڪ نينگر کي پڇايو هو.

”ابا هي ڪمرو اڳ ۾ئي اوور لوڊيڊ آهي وڃي ٻي ڪا جاءِ تاڙ.“ ڇوڪري ٺپ جواب ڏنو هئس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ چوٿون ڏينهن آهي ۽ هن وقت ذهن ۾ نفس ۽ انا جي جنگ متل اٿس....

سنلس چهري جي تاثر مان لڳي ٿو ته هن ڪو اهم فيصلو ڪيو آهي.

رات آئي.... صبح ٿيو ۽ چوڪرن ڏٺو ته انور هارايل جواريءَ جيان، ڳريون وکون کڻندو ڳوٺ وڃي رهيو هو.... وري نه اچڻ ڪاڻ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڇتاءُ

رئيس عبدالقادر ڪوٽ جو مشهور زميندار آهي. الله جو ڏنل سڀ ڪي اٿس، پر تہ اٿس بہ ڪي چين نہ دل کي سڪون. هن ويل بہ ويٺو آهي ڪرسي ۾. ٽڪ ٽي مايوسيءَ جون لڪيرون. اکين ۾ پڇتاءَ جا ڪرڻا.... ذهن ۾ ضمير چڻ هر هر پيو ڇهنڊيون پائيس. ۽ آئينو ڏيکاريس ذهن جي آئيني ۾ هڪ روپ تو اڀريس.

نڪ ڙيون ڇمڪندڙ اکيون.... ڪوڙهو سانورو رنگ.... سنهڙي سڪل.... اهو روپ اختري بيگم جو آهي.

اختري بيگم جنهن کي دل جي گهراين مان پانيو هئائين. من پاتال مان چاهيو هئائين. اها اختري بيگم جنهن جي پلاند ۾ پريت جا گل وجهڻ ڪاڻ، پنهنجا هٿ بہ زخمي ڪيا هئائين، پنهنجو اولاد پنهنجا عزيز دوست سڀ ڇڏيا هئائين.

”اختري بيگم تو منهنجو قدر نہ ڄاتو.“ ڇپ چرڻ لڳس ۽ ذهن ۾ آيل اختري بيگم کي ڏوراپو ڏيڻ لڳو.

”تو ڪي واقعي مون سان نہ پر منهنجي پئسي سان پيار هو، هوند مون کي ان ويل ئي سمجهہ اچي ها. جڏهن منهنجي عزيزن، دوستن مون کي سمجهايو هو.“ يادن جي ڇڙواڳ ڇوهي تي دوستن جون ڳالهيون آلبم جا ورق بڻجي سندس آڏو اڏرڻ لڳيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکيون طوطي جيان بدلجڻ لڳيون.

اڳ جو اٿي رئيس کي ماني ٽڪي ڪارائيندي هئي پر هاڻي ته کيس پڇندي به ڪانه هئي. رئيس ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويٺو سندس اوسيئڙو ڪندو هو. پر اختري بيگم کي پنهنجن مائٽن کان فرصت ڪانه هوندي هئي.

”اختري بيگم آخر اهو ڪيستائين ٿيندو ۽ آءٌ ڪيستائين راتين جون راتيون ويهي، تنهن جو انتظار ڪندس.“

رئيس آخر هڪ ڏينهن ڪاوڙجي پيو.

”هان هان هي تون ڇا پيو چوين آءٌ تنهن جي زال آهيان ٻانهي نه.“

اختري بيگم ڪتو جواب ڏنس ۽ منهن ٻچڙو ڪري ڪمري منجهان نڪري وئي.

پوءِ ته ڏينهن رئيس ۽ اختري بيگم ۾ ڪافي ڏي وٺ هلي پر آخر هڪ ڏينهن اختري بيگم وري رئيس کي پرچائي ڇڏيو.

”جناب منهنجي ڳالهه ته ٻڌو.“

”ڪهڙي؟“

”ڇو نه هن سال حج تي هلي کير ڪنڊ ٿي اچون.“

رئيس راضي ٿيو.... حج جا ڏينهن آيا. ٻئي ڪعبةالله شريف جي اڳيان ادب سان هٿ ٻڌيو بيٺا هئا.

”جناب“ اختري بيگم جو آواز هو.

”جي“

”هت مون سان وعدو ڪيو ته سموري ملڪيت منهنجي نالي تي ڪندو.“

رئيس ٽپرس منجهان کيس ڏٺو.

”ها ها جناب، تو ڪانسواءِ منهنجو هن جڳ ۾ آهي ئي ڪير.“ اختري بيگم زور ڪيو.

حج جي سعادت پوري ڪري ٻئي واپس وطن وريا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اختري بيگم جو زور، ڏينهون ڏينهن وڌڻ لڳو.... ۽ هاڻ رئيس بہ ٿوري اک ڇتي هئي.... ڪجھ ملڪيت اختري بيگم جي نالي ڪئي تہ ڪجھ مارئيءَ جي نالي.

مارئيءَ جي نالي ملڪيت ڪرڻ ۽ اختري بيگم جو آپي منجهان نڪرڻ ڇي: "مون کي طلاق ڏي، تون مون کي ڌاري ٿو سمجهين تہ هن گهر ۾ رهڻ مان فائدو ڪهڙو؟"

هن وقت رئيس پشيمانيءَ مان هٿ مهٽي رهيو آهي ۽ هر هر پيشانيءَ تان پگهر جون بوندون اگهي رهيو آهي ۽ هاڻي هن سوچي ورتو آهي تہ اختري بيگم کي طلاق ضرور ڏيندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وساريان نه وسري

هيءَ انهن ڏينهن جي ڳالهه آ جڏهن آءٌ چوٿون درجو سنڌي، دادوءَ جي مين اسڪول ۾ پڙهندي هيس. مون سان گڏ منهنجي ڪلاس ۾ زهره ۽ حاڪم زادي به مون سان گڏ پڙهنديون هيون. ڪجهه ڏينهن کان محسوس ڪيم ته ٻئي ڇٽيون روز رسيس مهل غائب ٿي وينديون هيون، ايندي يون هيون ته هٿن ۾ ڪوڪلا پير پڪڙا ۽ پائلي ڪنيو. ان زماني ۾ هڪ ڪٿمڻ و يا هڪ اچو قلم يا ڳنڍو ته پئسي ۾ ٻه ملي ويندو هو سو پائلي خرچيءَ طور ڳهران ملڻ ناممڪن ته نه، البت ڏکيو ضرور هو.

”اڄي روز اوهان رسيس مهل ڪاڏي وينديون آهيو؟“ هڪ ڏينهن مون کانئن پڇيو.

”ٻڌايونس؟“ زهره ٺونٺ هڻندي حاڪم کان پڇيو.

”ها....“ حاڪم شرمائيندي جواب ڏنو ”پر ڪنهن کي ٻڌائجانءِ نه.“

”نه“ مون واعدو ڪيو.

”ٻڌائينس نه“ حاڪم، زهره کي چيو.

”اڄي تون ٻڌائينس“ زهره مرڪندي حاڪم کي ڌڪ هنيو.

”اسان نه.... پرسان هڪ مائي رهندي آ ان جي گهر وينديون آهيون. هوءَ اسانکي ڏوڪڙ ۽ شيون ڏيندي آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توهان هلندينءَ؟“ هن مونکان پڇيو.

ڏوڪڙ ۽ شيون ملڻ ۾ آءٌ انڪار ڪيان، آءٌ ته ان وقت ئي هلڻ لاءِ تيار ٿي ويس.

”چڱو صبحاڻي هلنداسين. زهره ۽ حاڪم پڌايو. خدا ڪري ڀيو ڏينهن ٿيو.... الائي ڪيئن رسيس ٿي. اسان پهتاسين مائيءَ جي گهر.

اڌڙوٽ عمر جي مائي رئي جي پاند سان واٽ ويڙهيو ڪپڙا استري ڪري رهي هئي.

مون کي ڏسي ٿورو چرڪي.

”ڪنهن کي پڌائيندي ته ڪو نه؟“ زهره کان سوال ڪيائين.

”نه ماسي اسان جي ساهيڙي آ ڪنهن کي ڪونه چوندي“

”ها ماسي هن جا اکر به سٺا آهن.“ حاڪم جو آواز هو.

”چڱو....“

ماسيءَ جاري مان قلم ۽ ڪاغذ ڪڍي مون کي ڏنو.

”جيڪو مان چوان، سو لکندي وڃ“ ماسيءَ حڪم ڏنو ۽ مون عمل ڪرڻ شروع ڪيو.

”دل ۾ دلبر تنهنجي خاطر سک جي سيج
وڇايان ٿي.“

منهنجا سائين منهنجا حاڪم،

ڪلهه به مون توکي ڏنو پر تون ايترو بينيازيءَ سان هليو وئين، راڻا آخر ايترو شرم ڇاجو، آءٌ تنهن جي پانهي آهيان. غلام آهيان مون تي به مَنَ مهر جي نظر ڪرين.“

ان بعد ڪجهه ٻيا به سنڌي فلمي شعر وغيره هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڪار عورت،

خبردار جي کو خط موڪليو اٿئي. آئيندي جيڪڏهن
و تنهنجو خط مليو ته هڙهسين کي ڏيکاري ڀادر ڪارائيندوماڻهه."
ٻس ماسي وسامجھ لڳي ۽ اينڌ وچ روڄ سان ٿي.
۽ هوڏانهن اسانجا ٻوٽ ٻه پيلڙا ٿيڻ لڳا، پاڻلي ته پاڻلي
جي ماڳ، رهندو ٻه واپسيءَ ۾ بينچ تي ويهڻو پيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ ڪلهه ته ڊرائيور به اهڙا تي پيا آهن ائين ٿا گاڏيون هلائن جو ٻلي ڪير به هيٺان اچي.

ڪٿي ڪڪي پيءُ.... نه نه.... الله نه ڪندو جو ڪيس ڪجهه ٿئي، آءُ پاڻ شل سندس مٿان قربان ٿيان شل پنهنجن هٿن سان مون کي پوري. الله شل منهنجي حياتي به کيس ڏئي.

.... .... .... ....

”ٻار وڃي ڪيڏانهن ٿو وڃي، نه اچا.“

”دير ٿي وئي اٿم.... گهر واري انتظار ڪندي هوندي!“

”ڇڏ ٻار اهڙي ڪهڙي دير آ، اچا ٻارنهن مس ٿيا آهن.

اڙي ها خبر اٿئي.... مصطفيٰ آهي نه.... ان جي گهر واري ويچاري گذاري وئي....

”گذاري وئي؟!“ ائين ڇئي حيرت ۾ پڇي ويو.

”ها!“

”ها.... ڪيڏو نه خوش نصيب آ....“ آواز ۾ حسرت هئس.

.... .... .... ....

## ذات جو فرق

لکي پڙهي ”جڏهن اسان سڀ انسان آهيون ته پوءِ ذات پات جو فرق ڇو؟ ننڍي وڏي ۾ ويڇو ڇو؟ آخر اهو ڏينهن ڪڏهن ايندو جڏهن اسانجي سماج مان طبقاتي فرق ختم ٿي ويندا ۽ اسان ويڇا ۽ حد بنديون ٽوڙي صرف انسان هونداسين، صرف انسان.... اهو ڏينهن ايندو.... جلد ايندو.... مون کي پڪ آهي....“ پيءُ جو ڪمري ۾ داخل ٿيو.

”اوهو معاف ڪجاءِ اجايو ٽوکي ڊسٽرب ڪيم“.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”نه نه ڪا ئي ڳالهه ڪانهي.... ڇئه ڪيئن آئي آهين؟“
”نوڪي دعوت ڏيڻ آئي هيس. شانو ايم- آي ڀاس ڪئي آ سو ان جي مانَ ۾ پارٽي ڪئي اٿم.“
”شانوءَ جي مانَ ۾ تو پارٽي ڪئي آ!؟“
”ها. پر ان ۾ حيران ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالهه آ.“
”ڪمال آ ڀنگياڻيءَ کي ڪٿي ايڏي لفٽ ڏني اٿئي.“
”پر شانو نه سهي سندس ماءُ سهي. هرو ڀرو نيچ ماڻهن کي ايترو مٿي نه چاڙهه جو اسان جي ٻي برابري ڪن. مان ته سچي ڳالهه، شانوءَ سان ڳالهائڻ ٻي پسند نه ڪندي آهيان سو وري پارٽيءَ ۾ ڪيئن شرڪت ڪنديس توبهه ڪر.“

.... .... .... ....

### حصو

”گهڻو ٿيو؟“
”ٻه هزار، پنج سو، ٽيامي“
”هاڻي حساب ڪيئن بيهندو“
”پنجاهه منهنجو، پنجويهه تنهنجو، ۽ پنجويهه اصل مالڪن جو.“
”نه ائين وري ڪيئن ٿيندو، گهڻو ڪم ته مون ڪيو، پنجاهه منهنجو، پنجويهه تنهنجو.“
”ڪمال تو ڪرين يار، در در آءٌ رليس، دڪانن تان الڳ چندو ڪٺو ڪيم، اسڪول ڪاليج الڳ لتاڙيم، هاڻي وري اڌ ٿيو تنهنجو؟“
”پر آءٌ ٻه ته گهٽ ڪونه ڊوڙيو آهيان.... چڱو ائين تا ڪيون چاليهه تون ڪڻ چاليهه مان، ويهه ٻوڏ وارن لاءِ ڪافي ٿيندو.“

.... .... .... ....


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## پڪنڪ اسپاٽ

”ايڏي سرهاڻ.... واهه.... ايڏو سهڻي سنبري.... سينٽون پينٽون لڳائي دهليءَ جو ٻانڪو ٻنجي ڪيڏانهن پيو وڃين؟“
”هلين ته صلاح اٿئي.“
”پر وڃين ڪاڏي ٿو؟“
”بس يار مڙئي گهمڻ ڦرڻ.“
”پر نيٺ به، پڌاهه سهڻي وڃين ڪيڏانهن ٿو؟“
”ڄامشوري جي پل تي“
”ڄامشوري جي پل تي ايترو ٺهي جڙي!؟“
”صفا ڪو يوڪ آهين. خبر نه اٿئي ته اُت اڄ ڪلهه ڏاڍيون ٺاهوڪڙيون جوانڙيون تفريح لاءِ اينديون آهن.“
”ڪمال آ يار، تفريح هئڙي ت م.“
”پيو ڇا هاڻي ٿي ته اٽي مزو آ. ٻوڏ ۾ لڙهندڙ ڏانو ٽپا، ٽپڙ ٽاڙي، لاش، درياهه جي لهرن ۾ غوطا کائيندا اهڙا ته سهڻا لڳندا آهن جو ڳالهه ٿي نه پڇ!. ڇڱو هاڻ جلدي تيار ٿي وٺ!“

.... .... .... ....

## خيرات

”منهنجي خيال ۾ ته هن گهر ۾ هلڻ گهرجي.“
”ها.... هتان ڪافي ڪجهه ملي ويندو.... حيثيت وارا به آهن، ته خدا ترس به، جواب ڪونه ڏيندا.“
”ادي ها.... اڄا ڪلهه ٿي ته آپا ڪي پڳهار به ملي هوندي.“
دروازي تي ڪڙڪو.
”آپا آهي؟“
”ها امان اندر آ.“
نينگريون صفحي ۾ گهڙيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هلي آئي آ. ڪيڏو نه خوشنصيب آ رزاق شهيد جو سنڌو ماتا، پاڻ پنهنجي سر هن وٽ هلي پهتي آ.“

.... .... .... ....

## سونهري موقعو

”هي دڪان مان ڪوٽيون ڪٿائي ڪيڏانهن پيو وڃين؟“
”هيڏانهن هوڏانهن نهار، سنهڙو سرهاڻ.
”گهر ٿو.“
”گهر ٿو؟! ڇو؟“
”هي ها“ دبيل ڪل جو آواز. ”صفا ڪو ڇسو آهين، پوڪون پوڪون سڀ لڙهي ويون آهن. آن جو ملهه ٽيندو مهانگو سونهري موقعو آ، سونهري موقعو!“

.... .... .... ....

## امدادي ڪم

ڏيک هڪ ليڊيز ڪلب جو، سامان جو ڍڳ.... نينگريون، عورتون، ته ننڍا ننڍا پاڪيٽ بنائي رهيون آهن.

”ماچيس ته ڏاڍا سهڻا آهن. هيت ته شايد اهڙا ملندا به ڪونه هوندا.“ عورت جو هٿ سنڊس پرس ۾ ويو ۽ خالي ٿي ٻاهر نڪتو.

”هي تازا تازا بسڪيٽ بامبي بيڪريءَ جا ٿا لڳن. ڪونانا ڇا چائن اهڙن بسڪوٽن مان انهن لاءِ ته ڊبل روٽيون، پاپا، ڪڙ ۽ پڪوڙا ٺي نيڪ آهن.“ سوچ....
”پيو پٽ هيڏانهن ته اچ.“
”جي امان“
”ويجهو ٿي“
”.......“ سرهاڻ پار جي ڪن ۾.
پار اٿيو ڪا شي قميص هيٺان لڪائيندو ٻاهر نڪري ويو.

.... .... .... ....



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## قانون جو احترام

”هيءَ ٻيبي ڪيترن سالن جي آ ؟“
”آن ساڍن ٽن سالن کان جي ٿيندي.“
”ٽڪيٽ ڪٿي اٿس؟“
”ٽڪيٽ اها ته مون ورتي ڪانهي.“
”ڪمال آ ٽن ساڍن سالن واري ٻار لاءِ تہ ٽڪيٽ لازمي آهي.“
”پر ادي رهڻ کو جاءِ ٿور ٿي والاري آ، ويچاري ٻيني آ يا وري منهن جي هنج ۾ ٿي ويهي.“
”ڪجهہ بہ هجي سادا چار روپيہ مون کي ڏي ته ٽڪيٽ نا هيان.“
”مان تہ ڪڏهن بہ نہ ڏيان ننڍڙي ٻار لاءِ سادا چار روپيہ ؟“
”شرم نہ ٿو اچئي، هڪ تہ پنهنجي ملڪ جي قانون جو احترام نہ ٿي ڪرين ۽ ٻيو رهندو بہ ڪاوڙ ٿي ڪرين حق تي اسان جي پاڪستاني قوم ٻين کان پٺتي آهي. ڪڍ سادا چار روپيہ، نہ تہ پوليس واري کي ٿي سڏيان.“
”ادي ڪاوڙ نہ ڪر، هوڏانهن هل تہ ڏيانءِ ٿي.“
عورت اٿي.... پرس مان ڪجهہ ڪڍي ٽڪيٽ چيڪرياڻيءَ جي مٺ ۾ وڌائين.
”هيءَ اٿئي مٺائي“ مرڪيائين.
ٽڪيٽ چيڪرياڻي مرڪندي واپس هلي وئي.
”ڪهڙو ڏنئس؟“ ٻيءَ پڇيو
”ٻہ روپيہ.“

.... .... .... ....

## انجوائمنٽ

”ڏاڍي بوريت پئي محسوس ٿئي ڇا ڪجي؟“
”ادا آءٌ ٻڌايانءِ“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ها"

"ڪوبہ نمبر ڊائل ڪري ات ڳالهاءِ"

"اڙي ها سٺي ترڪيب ڏسيءِ."

"ڪنهن جو ڪيان؟ هوءِ ته و واري ساهيڙي آهي نہ نجمہ ان کی ٿو ڪٺي ڪيان."

"ها ها ڏاڍو مزو ايندو."

"هلو"

"نجمہ ڇا حال آهي؟"

"ڪمال آ سڄاڻن بہ ڪونہ ٿين جڏهن تہ آءٌ هر روز هر پل پيو توکي ياد ڪندو آهيان."

"هلو .... هلو."

"ڇا ٿيو؟" هلڪا هلڪا ٽهڪ

"ڇا وري ڇاهه فون رکي ڇڏيائين."

"بهرحال مزو ڏاڍو آيو."

"سوچيندي تہ ضرور هوندي تہ فون ڪنهنجو آ."

"ها" ملڪيل جلڪيل ٽهڪ .... مستيءَ سان ڀرپور.

ڪجهہ دير بعد.

فون جي رنگ.

"فون تہ کڻ."

"ها ڪڻان ٿي."

"هلو"

"اوهان کي ڪنهن سان ڳالهائڻو آ."

"......."

"ڪة" رسيور زور سان اڇلي.

"ڪير؟ ڪير هو؟"

"خبر ناهي ڪير نياڳو هو؟"

"مون کي ان وقت فون ڏين ها تہ مزو چکا ٻانس ها.... بي شرمن کي شرم نہ ٿو اچي ڪنهن کي تنگ ڪندي."

خار .... ڪاوڙ .... چڙ....



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## منهنجي اڏئي

رستو.... موٽرن گاڏين جي پٺ پٺان....
پرسان گاڙهي رنگ واري سهڻي بلڊنگ.
”اڄان ڪونه آئي؟“
”اڄي وينديءَ ڪٿي ٿي چو تو ڪرين؟“
واچ جي ٽڪ ٽڪ .... آهستي آهستي.
”اڙي اڄي وئي.“
”اڄها نهاري به پٺي هڏانهن!“
”ها ڏس مرڪي به پئي....“
”اڙي، وري واپس هلي وئي.“
”الائي ڇو؟“
”اوهيو، وري واپس اچي وئي.“
”هيٺ ڪجهه اڇلايائين به.“
”پڪ مون لاءِ ڪو خط آ.“
”نه يار ڪلهه سلام ته مون ڪيو هئو مانس.“
ٻڪي ٿو .... اوڏانهن .... جهڪي ٿو.
ڪجهه ڪٺي ٿو....
”ڇا آهي؟ ڇا لکيو اٿئين.“
”ڪ .... ڪ ڪجهه به نه.“ ڪيا؟ڙي ڪنهندي جواب
”مون کي به ته ڏيکار.“
اوهه .... پان واري گاڙهي پڪ.

.... .... .... ....

## بدلو

خبر اٿئي مون ڏارين مان شادي ڪئي آ.“
”ڇو“
”بدلو .... جڏهن اسانجا مرد ڏارين عورتن سان شادي ڪري سگهن ٿا ته ڇا اسانکي حق ناهي.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## شادي

”پڏو آ تہ هن رئيس لطيف سان شادي ڪئي آ.“
”ها ....“
”پر هو تہ صفا پوڙهو آ.“
”پاڻ پوڙهو آ تہ ڇاهي سندس پئسو تہ جوان آ.“

....      ....      ....      ....

## ڪارو داغ

”ڇا پيو ڪرين.“
”خط پيو لکان.“
”ڪنهن کي؟“
”...... کي.“
”ڇو مائيتاڻي اٿئي ڇا؟“
”خير گهر، الله پناهہ ڏيندو اهڙين مائٽياڻين کان جي لوڏيءَ جي لچ ٽيون لڃائن.“
”پوءِ لکينس ڇا ٿو؟“
”يار لکانس ٿو تہ پنهنجا فوٽا ۽ نالا اخبارن ۾ ڇپرائڻ جو ايترو شوق اٿئي تہ مهرباني ڪري پنهنجي ذات مٽاءِ.“
”آخر ڇو؟“
”يار تون پاڻ ئي ويچار، اسانجي ذات واري ڪٿي ڪري اخبارن ۽ رسالن ۾ ليک ڇپائي ۽ فوٽا ڏئي؟ اهو اسانجي ذات تي ڪارو داغ نہ آ تہ ڇا آهي.“

....      ....      ....      ....

## هاٿيءَ جا ڏند

”ادي اوهان اسان سان ڪم ڪري تہ ڏسو، سچ ٿا چئون اسان توهانجو هر طرح سان عزت ۽ احترام ڪنداسين.“



www.sindhsalamat.com      books.sindhsalamat.com

”چڱو جي اوهان چئو ٿا ته آءٌ هر طرح سان اوهان سان سهڪار ڪنديس .... چڱو صبحاڻي ڪان ئي اچي آءٌ اوهان سان آفيس ۾ ويهنديس .... هيئر آءٌ هلان پئي.“

”چڱو پيئڻ مهرباني، صبحاڻي وري گڏ آهيون“.

ڇوڪريءَ جو وڃڻ

”ته، نيٺ قابوءَ ۾ اچي وئي .... (اکيون دٻائيندي) هاڻي ته اصل ٽڪ ئي ڪونه ٽيندو، ڪم ڪرڻ ۾ به ڏاڍو مزو ايندو (سيني تي ڏک هڻندي) هاءِ ظالم آهي ته قهر .... فڪر ته ڏسينس اصل پل ۾ ئي لاهه ڪيڏي ڇڏيائين .... اڳتي ته پنهنجو الله حافظ آ.“

.... .... .... ....

”پيئڻ هاڻي اوهانجو وارو... اوهان به ڪجهه ٻڌايو.“

”ها .... ها .... هاڻي اوهانجو وارو.“

(نينگريءَ جو ڳائڻ)

”واهه!.... واهه جو ڳايو.“

”واقعي آواز ته لاجواب اٿو.“

نينگريءَ جي پرپٺ

”شرم ئي ڪونه آيس ايترن مردن ۾ ڳائيندي.“

”ها ادا مردن ۾ ڳائڻ ڪو فضيلت آ.“

”بس بابا چوڏهين صدي آ چوڏهين صدي.“

”ها برابري ٿيون چاهن.“

”هي ته ڳائڻ هئو .... نچڻ جو چئونس ها ته نچي به ڏيکاري ها.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”هي.... آهي!“ منصور جون ڏڪندڙ ٻانهون سردار ڏانهن وڌيون ۽ ان منيون ڪوليون.

”بس، ڏيڍ رپيو ۽ ٽي پئسا!“ سردار ڪاوڙجي ويو.

”زيپڪ.... تڙاخ.... چٽاخ....“ ۽ انهيءَ سان گڏ معصوم ٻار جي رڙين جا ڪجهه آواز اڀرڻ لڳا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ماسي عالمان

”اڄ مهرو ماسي عالمان گذاري وئي.“

”ڇا؟“

”ها ٿورو اڳ جڏهن ٻچل منهنجي گهر ويو ته ماسي عالمان مٺل پئي هئي. ڪن ٿي چيو ته شايد رات جي پوئين پهر گذاري وئي.“ زينت مونکي سموري ڳالهه ٻڌائي.

”ها بيمار ته ڪن ڏينهن کان هئي.“

”توبهن! الله شل اهڙو موت ڪنهن کي به نه ڏئي، گهٽ ۾ گهٽ اکين کي ته ڪو هٿ ڏيڻ وارو هجي!“، زينت جو انداز ڏکارو هئو.

ها ڏک به ڇو نه هجي ماسيءَ جي شخصيت ئي ڪجهه اهڙي هئي.

منهنجي آڏو ماسيءَ جي شڪل ڦري آئي.

ننڍل ننڍل جسم.... اکين ۾ پيڙا جا پڙلاءُ.... منهن تي بيشمار گهنج جن ۾ خبر ناهي ته ڪيترن ڏکن ۽ دردن آکيرا ٺاهيا هئا.

ڪٻي چيله، جا شايد زندگيءَ جي بار سببان جهڪي وئي هئي. هٿ ۾ سهاري لاءِ لٺ. ها جڏهن ڪو ٻيو سهارو نه ملندو آهي ته انسان ان لٺ کي ئي پنهنجو سهارو بڻائيندو آهي. ڪيترو نه بهترين سهارو هو ماسي عالمان لاءِ.... وفادار.... سياڻو. جنهن جي آڌار تي ئي ماسي عالمان سڄي اوسي پاسي جو واءُ سماءُ لهندي هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منجهي، اڪثر سوال ڪري ويهندي هئس- ۽ پوءِ ماسيءَ جي چپن تي هڪ ڦڪي مرڪ اچي ويندي هئي.

”امان نياڻيءَ جـو گهر ڦتڻ ڪا چڱي ڳالهه؟“

”چو ماسي؟“

”امان اچا ٻار آهين وڏي ٿيندئين ته پاڻهي خبر پوندئي-“ ماسي لاجواب ٿي جواب ڏيندي هئي ۽ مان منهن ٻچڙو ڪري ڪنوار کي ساهري گهر موڪلي ڇڏيندي هئس.

وقت پنهن جي رفتار سان گذرڻ لڳو ۽ اسين چادرپوش ڏکي گهر جي چوديواريءَ ۾ بند ٿي ويون سين.

ماسي عالمان گهڻو ڪري اسان جي گهر ايندي هئي- ۽ هاڻي اسـان جي بدران شانل ۽ زبيءَ کـي گڏيون ڏاهي ڏيندي هئي- جيتوڻيڪ نظر اڳي کان گهٽ ٿي وئي هئس پر وري به ابتا سبتا ٽاڪا هڻي ڪم ڪڍي وجهندي هئي.

هڪ ڏينهن ماسي عالمان اسانجي گهر آئي- شانل ۽ زبي پاڻ ۾ وڙهي رهيون هيون.

”امي ڇا ٿيو؟“ ماسيءَ پيار منجهان پڇيو.

”ماسي شانل منهنجي گڏي نٿي ڏئي-“ زبي ڪاوڙ ۽ شڪايت واري انداز ۾ چيو.

”چو شانل؟“

”ماسي ڏس نه هن پنهنجي گڏي منهنجي گڏي سان پرڻائي آهي ۽ هاڻي ٿي چوي ته مان گڏيءَ کي ساهري نه موڪليندس پر هاڻي ته گڏي منهنجي ٿي نه-“

”ها پٽ گڏي تـه برابر تنهنجي ٿـي پـر هاڻي ڪٿي ستاواڙي لاءِ ته ڪيس موڪل نه-“ ماسي سمجهائيندي چيو.

”نه ماسي زبي ٿي چوي ته اصـل لاءِ ڪنوار موٽائي ڏي.“ نه، امـان، هاڻي ته تو گڏي پرڻائي پـوءِ وري ڪيئن تو وٽ اصل لاءِ واپس اچي“ ماسي زبيءَ کي سمجهائڻ لڳي.

”پر ماسي گڏي ته هاڻي منهنجي ٿي نه.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦوڪون ڏئي ان کي وساڻي ڇڏيندي هئي.

جيون جا پنجتاليهه ڏاڪا اڪري چڪي آهي. انوءَ جا ماءُ ۽ پيءُ ٻہ سندس ساٿ ڇڏي ويا— هاڻ هيڪلي آهي بلڪل هيڪلي— پر انوءَ جا ڪک ڇڏي ڪيئن اباڻي وڃي—

”سنڌ سنڌ ۾ پيون سور جون سٽون ايرنم—“ پاسو ورائي سڌي ٿي.

”نيٺ ڀور پڇائيندي صبح ٿي ويو— اٿان، اٿي ڪم کي لڳان—“ سوڙ هٽائي، ڪر موڙي اٿي ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اڄين ڇو ٿيندو آ؟

سلھ جو مک منهن جي گود ۾ آهي سندس لڙڪن جي گرمائش، منهنجو من به گرمائي رهي آ. سندس سڏڪا، هانو ۾ وڍ وجهي رهيا اٿم. سندس مٿي تي هٿ ڦيرائي کيس دلاسو ڏيڻ چاهيان ٿي پر زبان به ڇڻ سات نه ٿي ڏيئم.

اوچانک پاسيم ٿو ته هڪ ڳوڙهو منهن جي ڳچي تي به نهي پيو پر آڳر سان کيس ماڳ تي رسڻ کان اڳ روڪي ٿي وڏان ڊپ ٿو ٿيئم ته متان منهنجا ڳوڙها پسي ويتر نه دکي ٿي وڃي. ڪيئن کيس سمجهايان؟ ڪيئن کيس پرچايان؟ ڪجهه به نه ٿو سمجهيم. ڪجهه به نه.

آخر چوانس به ڪيئن؟ سندس ڏک به ته سمجهان ٿي. ظاهر آ، آخر ماءُ آهيانس.... پر اهڙيون حالتون. ساڳيون مون تي به ته گذريون. پر مون واريون حالتون مون وس هيون ۽ هنن حالتن تي ته سندس ڪوبه وس ڪونهي ڪوبه نه.

ڪاش آءٌ پنهنجي ڌيءُ لاءِ ڪجهه ڪري سگهان! ڪاش! سندس پاند خوشين سان ڀري سگهان.

نڙيءَ ۾ ڄڻ ڪنڊا پيا چڀجنم. جهڪي سندس وارن تي پنهنجو منهن رکان ٿي ائين جيئن سندس نرم وارن سان پنهنجي نڙيءَ جي درد تي ٽاڪور ڪندي هجان.

زبردست ڪوشش ڪري سندس مک مٿي ڪريان ٿي. سندس لڙڪ پنهنجي پاند ۾ پوئي کيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪيان ٿي.




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پرچن شال پنوهار

هڪ سندر ناري، چوڏس جي چانڊاڻ جيان— اکين ۾ خوشين جا ديپ— چپن تي مڌر گيت— جهونگاريندي— روبينه جي ڳايل ڪافي—

”ڏوليا مارو مون سان الا منهنجا پرچن شال پنوهار.“
ڪڏهن اچي تي ڪپڙ ڏانهن— ڪڏهن وري ٿي بيگ ڏانهن. ڪڏهن ڪٽي تي چولو— ڪڏهن ويڙهي ٿي شلوار. اوچتو ڪمري ۾ هڪ نوجوان جو داخل ٿيڻ— نوجوان جي چپن تي مرڪ— اکين ۾ اٿاهه پيار— وڏندو اچي ٿو پير پير ۾ کڻندو، پيڻ پر هلندو— سندر ناريءَ ڏانهن— پنهنجا مضبوط هٿ ڪلهي سندس نيڻ ڍڪي ٿو.

ناريءَ جو چرڪ— پنهنجا مينديءَ رتڙا سهڻا هٿ، مضبوط هٿن مٿان گهمائڻ ۽ هٿن جي ڇُهاءَ مان ڪجهه محسوس ڪري مرڪڻ ”اچي ويو؟— ايترو جلدي؟“

”ڇو اچڻ نه وٽيو ڇا؟“

”نه— نه ائين ته نه آهي“ سندر ناريءَ جو مضبوط ٻانهن ۾ جهومڻي وڃڻ.

”پر— هي ڇا؟ ايڏي ڌوم ڌام سان آخر ڪٿان جي تياري آ.“

”اڙي ها— خوشخبري نه اوهان کي ٻڌائڻ وسري وئي.“

”خوشخبري؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”بابا“ هوءَ رڙ ڪري ڀاڪر پائڻ لاءِ اڳتي وڌي ٿي، پر......

هڪ گولي ڪيس اتي ئي ڪيرائي ٿي.

رت جو ڦوهارو سندس لونڊڙيءَ مان وهي ٿو.

”بابا هي ڇا ڪيو؟“ لڇندي.... ڦٿڪندي سندس آواز ٻوٽ ٿئي ٿو ٿي.... بي جان ٿيڻ.

پٽس جو اڳتي وڌڻ — پنهنجن ڳوڙهن کي آگــر سان اگهي ڀڪڻ — ۽ جهڪي سندس ٿڌيءَ پيشانيءَ تي پنهنجا چپ رکڻ.

”ٻچا خانداني وقار خاطر ڪڏهن ڪڏهن ائين به ڪرڻو پوندو آ.“ ڀڪي مٿي ٿيڻ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جيوت جي راند

اونهاري جي منڊ — تکي ۾ ساڙيندڙ آس جي راڪاس جي پُسو ڪان سارو وايو منڊل سانت — بس ڪٿ ڪٿ پاڻيءَ جي ننڍڙن ڍٻن جي پرم ۾ ننڍڙين جهرڪين جي ڦهڦهه يا رولاڪ ڪانون جي ڪان ڪان.

اهڙي ئي سمي هڪ ننڍڙي گهر جي ورانڊي ۾ پاسي ڪان رکيل هنڊوري ۾ منهن ويڙهيو ستي پئي آ — سنڌس پر ۾ ننڍڙو ٻالڪ هونگڙيون ڏيندو گهٽڪندو اڏامندڙ مکين سان راند ۾ مشغول — مکيون ڪڏهن سنڌس ڳلن تي ويهن ٿيون ته ڪڏهن وات تي. ٻار پٽڪڙا هٿ هلائي ڪڏهن ڪين جهلڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته ڪڏهن اڏائڻ جي.

اچانک ٻار جو روئڻ — گهنڙيءَ جو چرڻ — مک تان ڳوري ڳوري ٻانهن کڻي ٻالڪ کي ڏسڻ ۽ اٿي ڪيس سيني سان لائڻ. ٻار جو چپ ٿيڻ.

زائفان جا نيڻ سڄيل. مک تي ڳوڙهن جا ميرا ليڪا — اوچتو سنڌس اکڙين ۾ پيڙا وڌڻ — هيٺين چپ جو ڏندن ۾ اٽين پڪوڙجڻ جڻ دل جو درد چپن ۾ پيهڻ جي ڪوشش ڪندي هجي.

سور جي سٽ اٿيس — ساڄي ٻانهن آڏو ڪري ڏونٺرا ڏسڻ لڳي — نيرا نيرا ريش — وڌڻ لڳس دک جو احساس ويچارڻ لڳي. ”سنڌ سنڌ پيو سور ڪريم — لڳ لڳ پيو ڪاندارجيم — ماريو سمجهي ٿو ته چڻ حيوان آهيان — ڪيترو

"واھہ ڀاڻ تہ ڀڄي آئينءَ هاٿي منهنجي پٽ کي ٻہ مون
کان ڌار ڪنديءَ." هيءَ سسُس هئي. "هل ڏي هل ٻاڇوڪڙ
جاڏي مرضي پوئي اوڏانهن وڃ ادا ٺوسان ڪونہ هلندو." هيءَ
نڻانس هئي.

ساهہ ٻوساٽجڻ لڳس — روح زخمي ٿيڻ لڳس — ڀاڻ کي
سنڀاليندي ڪمري کان نڪتي روئڻ لڳي ڏڪون پيري —
"هاٿي ڇا ٿيندو؟" ويچارڻ لڳي — "هڪ ٻہ ماهہ مان
نڪري ٻيءَ ٻاهہ ۾ جلڻو پيو." جلي پئي ٻجري پئي —
اونهاري جي منڊ ٽڪي ۽ ساڙيندڙ اس جي راڪاس جي
ٻتوَ کان سارو واڍو منڊل سانت ۽ اهڙي سمي ننڍڙي گهر
جي ورانڊي ۾ منهن ويڙهيو ڪنڙي ٿيو ليٽي پئي آ —


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڏاڍو سو ڳاڀو

بس هلي رهي آهي. ڪاري ڪاري ڏامر جي روڊ تي پيرن هيٺان چيپاٽيندي ـــ ٽڪڙيون ٽڪڙيون ورڪون پريندي، هاسٽل ڪان سپرهاءوي تي ويندي، ڦاٽڪ ڪي پٺتي ڇڏيندي پل ڪي آڪ ڏيندي، اڳتي جيل روڊ ڏانهن وڌي رهي هئي. هوٽل مڊوي نوابشاهه ۽ ڪراچيءَ ڏانهن ايندڙ ويندڙ بسون، موٽرون، گاڏيون. رش ـــ! گوڙ گهمسان ـــ!!

بس رش کي چيريندي اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ۾ آهي. پر اڳيان هڪ جيپ، جيپ ۾ ٽي چار ٿلها متارا نيمگر ـــ اڳيان هڪ ٽانگو! جنهن ۾ مرضيل ٽانگي وارو اٺين ڦامي پيو تہ هڏين جو ڪو پڃرو هجي.

اچانڪ! جيپ جو هارون وڄي ـــ! گهوڙي جو ٽاهه ڪاٽي پٺتي اچي ـــ!! ”نہ بابلا نہ“! ٽانگي واري جو گهوڙي کي ٽڪيون هڻي.

جيپ جو ٻيهر هارن هڻي.

گهوڙي جو ٻيهر ٽاهه ڪاٽي پٺتي ورڻ.

ٽانگي واري جو ٻيهر گهوڙي کي پرپائڻ.

پر گهوڙي جو نہ مڙڻ.

اڇا بہ پٺتي ورڻ.

”گڏهہ جا پٽ جاءِ ڏي.“ جيپ ۾ ويٺل نوجوان جو مڇ مروٽي رڙ ڪرڻ.

”ها سائين ها ـــ“!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي رش جو وڌڻ.
بس جو ٽانگي جي پر مان لنگهڻ.
گهوڙي جو ٽاهه ڪائي ٽپ ڏيڻ.
”حرامي“ — سنڀال گهوڙي کي.“ جيپ ۾ ويٺل نوجوان جو رڙ ڪري هڪل ڪرڻ.
”حاضر سائين.“ آواز هيسيل.
”پيڻ — مڙي نه ٿو.“
نوجوان جو جيپ مان نڪرڻ.
هڪ ٽانگي واري جي هٿ مان چهبڪ ڦرڻ ۽ وار ڪرڻ.
”ڪچر جا ڦر. چئون ٿو پيا ته گهوڙي کي سنڀال پر مڙين نه ٿو“
ٺڪون—! ٺڪا—!! ڳاريون—!!! ٺڦو!!!! نبل نبل ڪمزور ٽانگي واري جو. ٿلهن متارن نينگرن ڪان مار کائڻ.
ماڻهن جو مجموعو— تماشبينن جو تماشو ڏسڻ— هر ڪنهن جو پنهن جي راهه ڏانهن وڌڻ.
وقت جو ڦيرو ڦرڻ.!

* * * * * * *

# مذهن جو پٽ

”ادي خوش آهين چاڪ چڱي ڀلي.“
”ها ادي رب جو شڪر آ.“
”گهڻي وقت ڪان پوءِ مليون آهيون.“
”هائو ادي جائي ٻه.“
”تو واري نينگري ٻه هاڻي وڏي ٿي هوندي؟“
”هائو ادي خير سان پرڻائي ڇڏيم.“
”ها ادي! رهي ڪٿي ٿي؟“
”.ون سان ئي گڏ ٿي رهي.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”توسان گڏ؟!“
”ها پيءُ — الله ڏينهن ڏيس ناڻي ڏاڍو سٺو اٿم.
شاديءَ کان پوءِ ته رهي ٿي اسان وٽ ٿو. اسان جو ويچاري
کي ڏاڍو خيال آ.“
”ها ادي ڇگو ٿيو ڇگو پلا پٽڙو ڪٿي اٿئي؟“
”اٿي پيءُ ڪهڙا توسان سور سليان! پرڏايو ماڻس ته
وچي ساهرن سان گڏ ٿيو. خبر نه آهي، سسڻس ڪهڙا تعويذ
ڪٿي گهوٽي پيارايا اٿس اصل گهر جو منهن ٿي نه ٿو ڏسي.
بس پيءُ نپاڳيون ٻچو ٿي ڪسي ويم.“ ڳوڙها اگهي.

* * * * * * *

## ڪيبل ڦٽيءَ جا

”يار وڏا وار رڪايا اٿئي ته ڦٽي ٻه ته ڏينس نه.“!
”گهران ته ڦٽي ڏٺي آيو هٿوس پر هتي وار خراب
ٿي ويا.“
”ٺيڪ آ — پر هڪ ڦٽي ڪيسي ۾ ٻه رکندو ڪر.“
”ها اهو ته ٺيڪ آ پر—“
”پر ڇا؟“
هو— متي مان— (مٿو ڪنهندي) ڪري ٿيون پون.“
”ها — ها“ (کل ٺهڪ) هن ۾ پريشانيءَ جي ڪهڙي
ڳالهه آ. ننڍي ڦٽي نه! وڏي ڦٽي رکندو ڪر — هي ڏس
منهنجيءَ ڦٽيءَ جهڙي— هن مان سيپ لنگهي ويندي يون آهن ٻاهر
ڪونه ڪرنديون آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اسان جا ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| النبي الامين والقران المبين | ۰ـــ۱۲ | قمرالدين سهتو |
| وچن جا وراڪا | ۰ـــ۱۲ | نثار بزمي |
| سمنڊ آ پسمنڊ | ۰ـــ۲۰ | قاضي خادم |
| عيبن هائي | ۰ـــ۱۲ | تنوير جوڻيجو |
| ذ ڪر هار سينگار سڪي | ۰ـــ۱۵ | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو |
| ڪهاڻين جو مجموعو | | |
| سوري جنين سيج | ۰ـــ۵۰ | ترجمو نورمحمد عباسي |
| اسلامي اخلاق | ۰ـــ۲۵ | حافظ خيرمحمد اوحدي |
| النبي الامين والقران المبين | ۰ـــ۳۰ | |
| ڳڏيل ڀيريون ۽ ٻيو جلد ـ | | |

اداره شهباز پبليڪيشنس
حيدرآباد سنڌ
پوسٽ باڪس ۱۳۰

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جي دوستن کي سنڌي رسالا اخبارون پڙهڻ گهرجن ۔ اداره

تنوير جوڻيجو



تنوير جوڻيجي ...... روح اشراف، ٿورو ڳالهائو، اکين ۾ حيا ڪٽي ملندڙ ۽ عزت ڪرڻ ۽ عزت ڪرائڻ واري ڇوڪري آهي ...... جڏهن پاڻ کان وڏن سان ملندي آهي تڏهين باقاعده شي تي ٿورڪي ويهندي آهي.... جڏهن هڪ جيڏين سان ملندي آهي ته ڳالهائيندي گهٽ آهي اکيون وڏيڪ ڇنڀيندي آهي ......

جيترو لکڻ ۾ فرينڪ آهي اوترو ڳالهائڻ ۾ رزبي آهي... تنوير جي وفاداريءَ جي چارٽ کي ڪا به منٽ ميٽر، ڪا به ليڪچربازي ۽ ڪا به سمجهاڻي تبديل ڪري نٿي سگهي ۔

**عبدالقادر جوڻيجو**

(ڪتاب شڪليون ئان لاٿل)

قيمت:

الهام شهزاد پبليڪيشنز حيدرآباد سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَ کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَس پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٹَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناڏانيءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاٽن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book